# نور مصطفيٰ

## جو ڇا شان آهي

**13 August 2026**

(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان



13 آگسٽ 2026ع (بمطابق: 22 صفر شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# نور مصطفيٰ جو ڇا شان آهي

(نوارانيتِ مصطفيٰ ۽ آمدِ نُورِ خدا جي ذڪر جو بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... نُور پکڙيو، سوجهرو ئي سوجهرو ٿي ويو
- ✿... نُورَ جي خيرات ورهائڻ وارا
- ✿... حضرت عباس شعرن جي ذريعي ميلاد پڙهيو
- ✿... ميلاد جي محفلن جون برڪتون

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلَاةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَمَلَائِكَتُهٗ عَشْرًا فَلْيُكْثِرْ عَبْدٌ اَوْ لِيُقِلَّ

**ترجمو:** جيڪو شخص مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهندو آهي ته الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا ان تي **10** ڀيرا درود موڪليندا آهن، هاڻي بانهي جي مرضي آهي ته گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.(1)

يعني مان جيڪڏهن هڪ دفعو چوان صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد (اي الله پاڪ مُحَمَّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درود موڪل) ته ان هڪ يا ٻن سيڪنڊن جي عمل جو بدلو مون کي ڪهڙو ملندو؟ فرمايائون: ان جي بدلي ۾ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا **10** ڀيرا درود موڪليندا.

**نوٽ:** الله پاڪ جو پنهنجن ٻانهن تي درود موڪلڻ جو مطلب آهي: رحمت نازل فرمائڻ ۽ فرشتن جي درود موڪلڻ جو مطلب آهي: مغفرت جي دعا ڪرڻ. (2)

---

1…الصلاة على النبى لابن عاصم ، صفحه:21، حديث:34۔

2…فتح البارى، كتاب الدعوات، باب صلاة على النبى، جلد:11، صفحه:186، زيرِ حديث:6357 ماخوذاً۔

ڪيڏو نہ عظيم اجر آهي....!! الله پاڪ جي هڪ رحمت ملي وڃڻ ٻنهي جهانن جي ڀلائين جي لاءِ ڪافي آهي. جنهن جي مٿان 10 رحمتون نازل ٿي وڃن ۽ ان سان گڏوگڏ ڪيس فرشتن جون بہ 10 دعائون ملي وڃن تہ ان ڀانهي جو شان ڇا هوندو....؟ ۽ هي عظيم ترين انعام حاصل ڪرڻ جو طريقو ڪهڙو آهي؟ ان ۾ صرف ڪجهہ سيڪنڊ لڳندا، تہ پڙهي ونو! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

مومنو! پڑھتے نہیں کیوں اپنے آقا پر درود | ہے فرشتوں کا وظیفہ اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلام[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! سنين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڇو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ◈ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ◈ باادب ويهندس ◈ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ◈ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نئون سوجهرو پکڙجي ويو

بُخت نَصّر جيڪو پنهنجي دور جو تمام گهڻو ظالم ۽ غير مسلم بادشاهہ هو.

---

1…قبالۂ بخشش، صفحہ:164۔

2…بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حديث:1۔

هڪ دفعي هن هڪ خواب ڏٺو، جنهن ڪان هو تمام گهڻو ڊڄي ويو، تمام عجيب قسم جو خواب هو. تنهنڪري هن وڏن وڏن مُعَبِّرِين (يعني تعبير ٻڌائڻ وارن) کي گهرايو ۽ کين چيو تہ مون هڪ خواب ڏٺو آهي، توهان اُن جي تعبير ٻڌايو.!!

مُعَبِّرِين چيو: نيڪ آهي...!! خواب ٻڌايو! هن چيو تہ نہ...!! مان خواب نہ ٻڌائيندس. مون ڇا ڏٺو آهي، اهو بہ توهان ٻڌائيندؤ ۽ تعبير بہ توهان ٻڌائيندؤ، توهان کي 3 ڏينهن جي مهلت آهي، جيڪڏهن تعبير ٻڌائي سگهيا تہ نيڪ، نہ تہ توهان جا سِرَ قلم ڪيا ويندا.

وڏي پريشاني ٿي وئي، سُتو بادشاهہ هو، خواب هن ڏٺو هو، مُعَبِّرِين کي ڪهڙي خبر تہ هن ڇا ڏٺو آهي پر بادشاهہ تہ پوءِ بادشاهہ هوندو آهي، هن جي اڳيان ڪنهن جي ڪِي هلي سگهي. مُعَبِّرِين پريشان ٿي ويا تہ اڄ تہ ڪم لهي ويا. جڏهن اِها خبر الله پاڪ جي نبي حضرت دانيال عليه السَّلام کي پئي تہ پاڻ فرمايائون: مان ان جي خواب جي تعبير ٻڌائيندس.

هاڻي ڏسو! خواب اها شيءِ آهي، جيڪو سُمهڻ وارو آهي، اهو ئي ڏسندو آهي، ماڻهو سُمهڻ واري جي مٿان وينو هجي تڏهن بہ نہ ڄاڻي سگهندو آهي تہ ننڊ پيل ماڻهو خواب ۾ ڇا ڏسي رهيو آهي. پر انبياءِ ڪِرام عليهم السلام جو شان نِرالو آهي، الله پاڪ انهن کي صرف ديوار جي پويان جو نہ، پر ننڊ پيل اک جي پويان... يعني عالَمِ خواب جو بہ علم عطا فرمائي ڇڏيندو آهي. سُبۡحٰنَ الله!

خير! حضرت دانيال عليه السَّلام بُخت نَصّر جي دربار ۾ تشريف کڻي آيا ۽ کيس فرمايائون: اي بادشاهہ ...!! تنهنجي خواب جي تعبير مان ٻڌائيندس. بادشاهہ چيو: توهان کي شرط معلوم آهي؟ خواب بہ توهان کي ٻڌائڻو آهي ۽

تعبير بہ توهان کي ٻڌائڻي آهي. پاڻ فرمايائون: ها! ها! خواب بہ مان ئي ٻڌائيندس. بادشاهہ چيو: تہ پوءِ نيڪ آهي. ڀلا ٻڌايو تہ مون ڪهڙو خواب ڏٺو آهي؟

پاڻ فرمايائون: تو هڪ تمام وڏو مجسمو ڏٺو آهي، جنهن جا پير زمين تي ۽ مٿو آسمان تائين پهچي رهيو هو، ان جو مٿيون حصو سون جو، پيٽ چاندي جو، هيٺيون حصو ٽامي جو ۽ پير مٽيءَ جا ٺهيل هئا. پوءِ اوچتو آسمان مان هڪ وڏو پٿر ڪِريو، جنهن ان بُت کي پورا پورا ڪري بلڪل سَنهَن ذرن ۾ اهڙي طرح پيهي ڇڏيو جيئن واري هوندي آهي.

بادشاهہ جڏهن خواب ٻڌو تہ حيران ٿيندي اٿي بيهي رهيو، سندس اکيون حيرت وچان ڦاٽي پيون، بادشاهہ چيو: توهان خواب تہ بلڪل درست ٻڌايو آهي. هاڻي ان جي تعبير بہ ٻڌايو!

پاڻ فرمايائون: اُن وڏي مجسمي مان مراد بُرا مذهب، ڪفر، شرڪ ۽ ظالم حڪومتون آهن، جيئن تہ اِهو تمام وڏو هو، تنهنڪري ان جو مطلب هي آهي تہ دنيا ۾ اجان هڪ عرصي تائين ڪفر و شرڪ ۽ ظالم حڪمران ايندا رهندا. ۽ اُهو جيڪو پٿر آسمان کان ڪِريو، اِهو هِن ڳالهہ جي طرف اشارو آهي تہ جلد ئي الله پاڪ عرب جي زمين تي هڪ نبي عليه‌السّلام کي موڪليندو ◈ انهن جي اچڻ سان ڪفر جي اونداهي ختم ٿي ويندي ◈ ظلم جي رات پڄاڻي تي پهچندي◈ باطل مٽجي ويندو ◈ حق جو نعرو بلند ٿيندو ◈ اُهي اڻ پڙهيلن کي علم ڏيندا ◈ڪمزورن کي طاقت بخشيندا ۽ ◈ گهٽ درجي وارن کي عزت جي معراج تي پهچائيندا. [1]

---

[1] دلائل النبوة للبيهقي ، المقدمة، جلد:1، صفحہ:49- 51 ملتقطاً خلاصةً۔

پُرنُور ہے زمانہ صبحِ شبِ وِلادت
پردہ اُٹھا ہے کس کا صبحِ شبِ وِلادت

دِل جگمگا رہے ہیں قسمت چمک اُٹھی ہے
پھیلا نیا اُجالا صبحِ شبِ وِلادت

خطبہ ہوا زمیں پر، سکّہ پڑا فلک پر
پایا جہاں نے آقا، صبحِ شبِ وِلادت

عالَم کے دفتروں میں ترمیم ہو رہی ہے
بدل ہے رنگِ دُنیا صبحِ شبِ وِلادت

ظلمت کے سب رجسٹر حرفِ غلط ہوئے ہیں
کاٹا گیا سیاہا صبحِ شبِ وِلادت

پیارے ربیع الاول تیری جھلک کے صدقے
چمکا دیا نصیبا صبحِ شبِ وِلادت

## ڪَن جنهن بہ طرف لڳايو! تنهنجي ئي ڳالهہ آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جو ڪيڏو نہ نِرالو شان آهي، اڄ وِلادتِ مصطفيٰ جا چرچا ڪرڻ جي اسان کي سعادت ملي رهي آهي، پر پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي وِلادتِ پاڪ کان هزارين سال اڳ عالَمِ انساني جون سڀ کان عظيم هستيون يعني انبياءِ ڪِرام علیھم السلام سڄي دنيا ۾ آمدِ مصطفيٰ جا چرچا فرمائي رهيا هئا. توهان شان ڏسو! بُخت نَصّر جهڙو ظالم بادشاهہ آهي بہ غير مسلم، الله پاڪ جا نبي، حضرت دانيال علیہ السّلام ان جي دربار ۾ چڙهہ تہ ميلادِ پاڪ جي محفل سڄائي وينا هئا ۽ صديون اڳ محبوبِ ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم جي وِلادتِ پاڪ جون ڌومون مچائي رهيا هئا.

رُسُل اِنہیں کا تو مُژدَہ سُنانے آئے ہیں
اِنہیں کے آنے کی خوشیاں منانے آئے ہیں[1]

یہ کس شہنشہِ والا کی آمد آمد ہے
یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے[2]

بولو! مرحبا...!! بولو! مرحبا...!!

1…سامانِ بخشش، صفحہ:137۔
2… سامانِ بخشش، صفحہ:135۔

اعليٰ حضرت رَحمۃُاللہِعَلَیْه ڪيڏي نہ پياري ڳالھ ڪئي آهي:

عرش پہ تازہ چھیڑ چھاڑ، فرش میں طُرفہ دُھوم دھام
کان جدھر لگائیے! تیری ہی داستان ہے(1)

**مفهوم:** يا رسول الله عرشِ عُليٰ هجي يا زمين جو فرش هجي هر طرف جيڏانهن بہ نظر ڪريون تا توهان جو ئي چرچو تي رهيو آهي، آسمان جا فرشتا هجن يا زمين جي مخلوق سڀ توهان جا اوصاف ۽ خوبيون بيان ڪري رهيا آهن.

## نُورَ وارا آقا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جا آقا و موليٰ، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نُورُ آهن، پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نور ڪٽي تشريف فرما ٿيا، سندن اچڻ جي برڪت سان پوري دنيا ۾ سوجهرو ئي سوجهرو پکڙجي ويو. پارو: **6**، سورة مائده، آيت: **15** ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۵﴾ (پارو: 6، سورة مائده: 15)

ترجموڪنزالعرفان: بيشڪ توهان وٽ الله جي طرف کان هڪ نور اچي ويو ۽ هڪ روشن ڪتاب.

هن آيتِ ڪريمہ ۾ نُور لفظ مان ڇا مراد آهي، ان جي باري ۾ ◈ امام محمد بن جرير طَبري ◈امام قرطبي ◈ امام بَغوِي ◈ امام جلال الدين سيوطي ◈ امام فخر الدين رَازِي ◈ علامہ احمد صَاوِي ◈ علامہ مُلّا علي قاري ◈ علامہ محمود آلوسي رَحمۃُاللہِعلیھم ۽ ٻيا ڪيترائي مفسرين ڪرام فرمائن ٿا: هِن

1…حدائق بخشش، صفحہ:178۔

نُورَ مان نُورَ وارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مراد آهن. (1)

کسی جا ہے طٰہٰ و یٰسٓ کہیں پر | لقب ہے سِراجاً مُّنِیْرا تمہارا
کیا تم کو نُورِ مُجَسَّم خُدا نے | زمیں پر نہیں پڑتا سایہ تمہارا(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## موليٰ ڪنهن جي نُورَ اسان ڏِڪي چڙيوآهي؟

روايت ۾ آهي: الله پاڪ جڏهن اسان جي نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نُورَ کي پيدا فرمايو تہ (اُن نُورَ مان باقي تمام انبياءِ ڪرام عليهم السلام جي نُورَ کي پيدا فرمائڻ کان پوءِ) ان کي حڪم ڏنو تہ سيني انبياءِ ڪرام جي نُورَ کي ڏس، پوءِ الله پاڪ تمام انبياء جي نُورَ کي اسان جي نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نُورَ سان ڍڪي ڇڏيو. انهن عرض ڪيو: موليٰ! ڪنهن جي نور اسان کي ڍڪي ڇڏيو آهي؟ الله پاڪ فرمايو: هٰذَا نُوْرُ مُحَمَّدِ بْنِ عَبْدِ الله يعني هي محمد بن عبد الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو نور آهي. [3]

ذَرَّہ ذَرَّہ جگمگایا ہر طرف آیا نکھار | گویا ساری ہی فضا کو نُور میں نہلایا ہے
نُور والا آیا ہے ہاں! نُور لے کر آیا ہے | سارے عالَم میں یہ دیکھو نُور کیسا چھایا ہے(4)

## نُورُ پکڙيو، سوجهرو ئي سوجهرو ٿي ويو

پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا ڏاڏا جان حضرت عبد

1 تفسير طبری، پاره:15، سورۂ مائدة، زيرِ آيت:15، جلد:4، صفحہ:504
2…قبالۂ بخشش، صفحہ:30 ملتقطاً۔
3 شرح زرقانی علی المواہب اللدنیہ، المقصد الاول،فی تشریف الله ...الخ،جلد:1 ،صفحہ:78۔
4…وسائلِ بخشش، صفحہ:460و 461 بتقدم ۔

المطلب رَضِیَ اللہُ عنہ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مان حطيمِ ڪعبہ (يعني ديوارِ ڪعبہ جي بلڪل ويجهو ڪعبي شريف ئي جي هڪ حصي) ۾ سُتل هئس تہ مون هڪ خواب ڏٺو، جنهن ڪان مان تمام گهڻو ڊڄي ويس. تنهنڪري مان خوابن جي تعبير ٻڌائڻ واري وٽ ويس، جيئن تہ مان قوم جو سردار هئس، تنهنڪري خوابن جي تعبير ٻڌائڻ وارو مون کي سڃاڻيندو هو، جڏهن هن منهنجو چهرو ڏٺو تہ چيائين: اي سردار! چا ڳالهہ آهي؟ اڄ مان توهان جو رنگ بدليل ڏسي رهيو آهيان؟ مون چيو: رات مون خواب ڏٺو آهي تہ هڪ وڻ آهي، جيڪو بلند ٿيندو ٿيندو آسمان تائين پهچي ويو آهي، ان جون ٽاريون (*Branches*) مشرق ۽ مغرب ۾ ڦهليل آهن، اُهو وڻ انتهائي نوراني هو، ايترو نوراني هو جو سج کان بہ **70** ڀيرا وڌيڪ روشن هو. پوءِ مون ڏٺو تہ عرب و عجم سڀ ان جي آڏو جهڪي ويا ۽ ان جو نور هر گهڙي وڌندو پئي ويو.

فرمائن ٿا تہ مان خواب ٻڌائي رهيو هئس ۽ تعبير ٻڌائڻ واري جو رنگ بدلجندو پئي ويو. هن پورو خواب ٻڌڻ کان پوءِ چيو: اي سردار! جيڪڏهن توهان واقعي اِهو خواب ڏٺو آهي تہ پوءِ ٻڌو! توهان جي اولاد ۾ هڪ هستي پيدا ٿيندي، **جيڪي مشرق و مغرب جا مالڪ هوندا ۽ ماڻهو انهن جي دين جا پيروڪار بڻجي ويندا.**

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم آهن، سندن اچڻ کان اڳ جيڪي اشارا ڏنا پيا وڃن، اُهي هي آهن تہ اُهي اچڻ وارا ذيشان صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم دنيا ۾ نئون سوجهرو پکيڙڻ لاءِ تشريف کڻي اچي رهيا آهن.

## سيده آمنہ نُورُ ڏٺو

هڪ روايت ۾ توهان ڪيترائي ڀيرا ٻڌي هوندي: حضرت اِبنِ عباس رَضِیَ اللہُ عنہما کان روايت آهي، پياري آقا جي پياري امي جان حضرت آمنہ رَضِیَ اللہُ عنہا فرمايو: وِلادت جي وقت مون مان هڪ نور نڪتو جنهن سان زمين جا مشرق و مغرب روشن ٿي ويا.(1) هڪ روايت ۾ آهي: مان اُن نور سان شام (*Syria*) جا محلات (*Palaces*) ڏسي ورتا. (2)

مسلمانو! صبحِ بہاراں مبارک
وہ برساتے انوار سرکار آئے

مبارک تجھے آمِنہ ہو مبارک
ترے گھر شہنشاہِ ابرار آئے

جہاں میں وہ سکہ بٹھانے کو دیں کا
مٹانے وہ باطِل کے آثار آئے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چا شان آهي، نُورِ مصطفيٰ جو

پيارا اسلامي ڀائرو! نورِ مصطفيٰ جي شان جو ڪمال ڏسو...!! مان هڪ مثال سان ڳالهه سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان، فرض ڪريو! جيڪڏهن اسان پنهنجي ڪمري جي اندر 50 هزار وڏيون وڏيون لائيٽون (*Lights*) لڳائي ڇڏيون، ايتري روشني هجڻ کان پوءِ به ڇا اسان کي ڀِت جي پارکان نظر ايندو...؟ نہ ايندو. معلوم ٿيو تہ روشني نوس شيءِ کي پار (*Cross*) نہ ٿي ڪري سگهي. ڪمري جي اندر چاهي جيتري بہ روشني هجي، ڀت کان ٻاهر جي اونداهي کي ختم نہ ٿي ڪري سگهي.

---

1…مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ،جلد:1، صفحہ:67۔
2…مواهب اللدنية، المقصد الاول...الخ، آيات ولادته صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم ،جلد: 1، صفحہ:66 ۔

سوچڻ جي ڳالهه آهي تہ سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا جو گھر مبارڪ مڪي پاڪ ۾، ڪعبي شريف جي ويجهو هو ۽ شام مُلڪ مڪي پاڪ کان تقريباً **2 هزار** ڪلوميٽر جي فاصلي تي آهي، وچ ۾ وڏيون وڏيون عمارتون (*Places*) بہ آهن، وڏا وڏا جبل بہ آهن، هي ڪهڙو باڪمال نُورُ هو، جيڪو چمڪيو تہ مڪي پاڪ ۾ آهي پر اُن پاڪ نُورَ جي روشني عمارتن کي پار (*Cross*) ڪري، پهاڙن کي چِيرِيندي ملڪِ شام تائين وڃي پهتي آهي ۽ سيده آمنہ رَضِیَ اللّٰہُ عنہا اُن پاڪ نُورَ جي برڪت سان شام جا مَحلات ڏسي رهيون آهن. معلوم ٿيو تہ نورِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اُهو نور آهي جيڪو اونداهين کي چمڪائيندو آهي ۽ اکين کي اهڙي روشني بخشيندو آهي جو نظر هزارين ڪلوميٽرن تائين وڃي پهچندي آهي.

## نُورَ جي خيرات ورهائڻ وارا

الله پاڪ جا آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نُور، بلڪ قاسِمِ نور (يعني نور ورهائڻ وارا) آهن. صحابيءِ رسول حضرت ڪعب بن زُهير رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: اِنَّ الرَّسُوْلَ لَنُوْرٌ يُّسْتَضَاءُ بِهٖ بيشڪ رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اهڙا نُورَ آهن جن کان روشني حاصل ڪئي ويندي آهي. [(1)]

حضرت اُسيد بن ابو اَيّاس رَضِیَ اللّٰہُ عنہ فرمائن ٿا: نور واري آقا، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ دفعي منهنجي چهري ۽ سيني تي پنهنجو پُرنور هٿ شريف ڦيريو، ان جي برڪت اِها ظاهر ٿي جو مان جڏهن بہ ڪنهن اونداهي گهر ۾ داخل ٿيندو هئس تہ اهو گهر روشن ٿي ويندو هو. [(2)]

---

1⋯ سيرة ابن ہشام، قصيدة كعب زهير فی مدح...الخ، جلد:2، جز:4، صفحہ:101۔

2⋯كنز العمال،كتاب الفضائل ،فضائل الصحابہ،جز:13 ،جلد:7،صفحہ:123،حديث:36819ملتقطًا۔

چمک تجھ سے پاتے ہیں سب پانے والے | مرا دِل بھی چمکا دے چمکانے والے
برستا نہیں دیکھ کر ابرِ رحمت | بدوں پر بھی برسا دے برسانے والے (1)

## نُورَ وارو آيو آ، نُورُ کڻي آيو آ

حضرت سالِم بن عبد الله رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي: (صحابہ ڪرام ۽ تابعين جي زماني جي ڳالھ آهي) هڪ دفعي 2 ماڻهو پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا، انهن مان هڪ چيو تہ مون ڪالھ رات خواب ۾ تمام انبياءِ ڪِرام عليهم السلام جي زيارت ڪئي آهي. ٻئي پڇيو: پوءِ ٻڌايو! توهان چا ڏٺو؟ هاڻي خواب ڏسڻ وارو پنهنجو خواب ٻڌائڻ لڳو، چيائين: مون ڏٺو تہ هر نبي عليه السَّلام سان گڏ 4، 4 چراغ (*Lanterns*) هئا ◈ هڪ چراغ انهن جي اڳيان ◈ هڪ انهن جي پويان ◈ هڪ انهن جي ساڄي پاسي ◈ هڪ کاٻي پاسي. ۽ هر نبي عليه السَّلام سان گڏ انهن جو هڪ صحابي بہ هو، انهن وٽ بہ هڪ هڪ چراغ هو.

پوءِ مون ڏٺو تہ (هڪ عظيم مرتبي وارا) نبي اُٿيا، انهن جي اُٿڻ سان ئي پوري زمين روشن ٿي وئي، انهن جي مبارڪ مٿي جي هر وار سان گڏ هڪ چراغ هو ۽ انهن جا صحابي جيڪي انهن سان گڏ هئا، انهن وٽِ هڪ هڪ نہ بلڪ 4، 4 چراغ هئا. هي منظر ڏسي مون پڇيو: مَنْ هٰذَا يعني هي ايڏي بلند رتبي وارا نبي جن جي اُٿڻ سان سڄي زمين روشن ٿي وئي آهي، ڪير آهن؟ تہ جواب آيو: مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ الله يعني هي محمد بن عبدالله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم آهن[2].

نُور والا آیا ہے، نُور لے کر آیا ہے | سارے عالَم میں یہ دیکھو کیسا نُور چھایا ہے

---

1⋯حدائق بخشش، صفحہ:158۔
[2] نوادر الاصول، الاصل السابع الستون فی عقاب من غش العرب، جلد:1، صفحہ:231۔

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن هي ٻئي شخص پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري رهيا هئا، يعني هڪ خواب ٻڌائي رهيو هو ۽ ٻيو ٻڌي رهيو هو، ان وقت عظيم تابعي بزرگ حضرت ڪعبُ الاَحبَار رَحمةُاللهِعَلَيْه (جيڪي توريت شريف جا تمام وڏا ماهر عالم هئا)، جي ڪنن تي هنن جي ڳالهائڻ جو آواز پيو، پاڻ فرمايائون: هي توهان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو (يعني هي جيڪو توهان ٻڌائي رهيا آهيو اِها ڳالهه توهان ڪٿان پڙهي يا ٻڌي آهي)؟ خواب ٻڌائڻ واري چيو: نه ...! هيءَ ڪا پڙهيل يا ٻُڌَل ڳالهه نه آهي پر هي ته مون رات خواب ڏٺو آهي، اُهو بيان ڪري رهيو آهيان. اِهو ٻڌي حضرت ڪعبُ الاَحبَار رَحمةُاللهِعَلَيْه چيو: وَالَّذِیْ بَعَثَ مُحَمَّدًا بِالْحَقِّ اِنَّهَا فِیْ كِتَابِ اللهِ كَمَا رَاَيْتَ يعني ان رَبِ ڪائنات جو قسم! جنهن محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي سچو نبي بڻائي موڪليو آهي! توهان ته اِهو خواب ۾ ڏٺو آهي پر مون بلڪل اِها ئي ڳالهه اللّٰه پاڪ جي نازل ڪيل اڳئين آسماني ڪتاب ۾ پڙهي آهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي اسان جي آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو...!! هن مان معلوم ٿيو ته اسان جا آقا و موليٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم نُورُ به آهن ۽ صاحبِ نُور به آهن ۽ حضرت ڪعبُ الاَحبَار رَحمةُاللهِعَلَيْه جي وضاحت موجب اڳين آسماني ڪتابن ۾ به اِهو ئي لکيل هو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم اُهي مبارڪ نُورَ آهن، جن جي ذريعي سموري زمين نُورَ سان جڳمڳائجي وئي آهي

چار جانب روشنی ہے سب سماں ہے نُور نُور
آگے پیچھے، دائیں بائیں نور ہے چاروں طرف

حق نے پیدا آج اپنے پیارے کو فرمایا ہے
آگیا ہے نُور والا، نُور والا آیا ہے (2)

1⋯ نوادر الاصول، الاصل السابع و الستون، جلد:1، صفحه:231 بتغيرٍ.
2⋯وسائلِ بخشش،صفحه:460 ملتقطًا.

## نُورُ وِرهائڻ وارا نبي

هڪ ٻئي مقام تي الله پاڪ فرمائي ٿو:

كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ لِتُخْرِجَ النَّاسَ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ۙ

(پارو: 13، سورة ابراهيم: 1)

ترجموڪنزالعرفان: هي هڪ ڪتاب آهي جيڪو اسان اوهان جي طرف نازل ڪيو آهي تہ جيئن اوهان ماڻهن کي انهن جي رب جي حڪم سان اونداهين مان روشني جي طرف ان (الله) جي رستي جي طرف آڻيو

يعني اي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! دنيا اونداهين ۾ ٻُڏل آهي ◈ عقيدن جون اونداهيون آهن ◈ نظريات (*Theories*) جون اونداهيون آهن ◈ ٻُرن اخلاق ۽ گندين عادتن جون اونداهيون آهن ◈ مطلب تہ اهڙو تہ انڌيرو ڇانئجي ويو آهي جو انسان جيڪو اشرفُ المخلوقات آهي، اُهو پنهنجي ئي سڃاڻپ وِڃائي چڪو آهي ◈ ڪڏهن سج کي سجدو ڪري رهيو آهي ◈ تہ ڪڏهن وڻن ۽ پٿرن کي پنهنجو خدا مڃي رهيو آهي، اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! اسان قرآن ڪريم جو نُور اوهان تي نازل فرمايو آهي، توهان ماڻهن کي قرآن ڪريم ٻڌائي، قرآن ڪريم پڙهائي، قرآن ڪريم جي نوراني تعليمات کي عام فرمائي ماڻهن کي اونداهين مان ڪڍي نور جي طرف وٺي اچو!

معلوم ٿيو تہ ◈ قرآن نور آهي ◈ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جيڪي پاڻ بہ نور آهن ۽ نورِ قرآن کي دنيا ۾ ڦهلائڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي آيا آهن ◈ ۽ هن نور جي ذريعي دل ۽ دماغ کي روشن ڪرڻ ◈ اخلاق ۽ ڪردار کي چمڪائڻ ◈ مٽيءَ جي انسانن کي نوراني بڻائڻ جي لاءِ تشريف ڪٽي آيا آهن.

اعليٰ حضرت رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا ڀاءُ جناب مولانا حَسَن رضا خان رَحمةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

کُھلیں اسلام کی آنکھیں، ہوا سارا جہاں روشن
عرب کے چاند صدقے! کیا ہی کہنا تیری طلعت کا [1]

**وضاحت:** اي پيارا محبوب! اي عرب جا چنڊ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! مان توهان تان گهورَ وڃان، توهان اعلانِ نبوت تہ ڇا فرمايو، اسلام جي برڪت سان سڄي دنيا روشن ٿي وئي.

## دُنيا جڳمڳائڻ آيا

هڪ جاءِ تي الله پاڪ فرمايو:

لَقَدْ مَنَّ اللّٰهُ عَلَى الْمُؤْمِنِیْنَ اِذْ بَعَثَ فِیْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْ اَنْفُسِهِمْ یَتْلُوْا عَلَیْهِمْ اٰیٰتِهٖ وَ یُزَكِّیْهِمْ وَ یُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَۚ وَ اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِیْ ضَلٰلٍ مُّبِیْنٍ﴿۱۶۴﴾

(پارو: 4، سورة آل عمران: 164)

ترجمو ڪنزالعرفان: بيشڪ الله ايمان وارن تي وڏو احسان فرمايو جڏهن انهن ۾ هڪ رسول موڪليائين جيڪو انهن ئي مان آهي. اهو انهن جي سامهون الله جي آيتن جي تلاوت فرمائيندو آهي ۽ انهن کي پاڪ ڪندو آهي ۽ انهن کي ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيندو آهي، جڏهن تہ اهي ان کان اڳ ۾ کليل گمراهيءَ ۾ هئا.

هيءَ آيتِ ڪريمہ اسان اڳ بہ ڪيترائي ڀيرا ٻڌي هوندي، پر مان جنهن طرف توجهہ ڏيارڻ چاهيان ٿو، اُهو هن آيتِ ڪريمہ جو آخري حصو آهي، فرمايو ويو:

---

1…ذوقِ نعت، صفحہ:37۔

| وَ اِنۡ كَانُوۡا مِنۡ قَبۡلُ لَفِيۡ ضَلٰلٍ مُّبِيۡنٍ ﴿۱۶۴﴾ (پارو: 4، سورة آل عمران: 164) | ترجموڪنزالعرفان: جڏهن ته اهي ان کان اڳ ۾ ڪليل گمراهيءَ ۾ هئا. |
|---|---|

يعني حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي تشريف آوري کان اڳ پوري دنيا خصوصاً اهلِ عرب ◈ عقيدن ◈ اعمالن ◈ اخلاق ۽ ڪردار وغيره هر قسم جي گمراهين ۽ اونداهين ۾ غرق هئا.[1]

اللهُ اڪبر! اُها قوم جيڪا هر قسم جي پَستين جو شڪار هئي، دنيا ۾ اونداهي ئي اونداهي ڇانيل هئي ◈ شِرڪ عام هو ◈ توحيد جي سڀ کان وڏي مرڪز يعني ڪعبي شريف کي به شِرڪ جي گندگي سان آلوده ڪيو ويو هو ◈ زنده انسانن کي ذبح ڪري پٿرن جي اڳيان نذراني طور پيش ڪندا هئا ◈ جانور به پنهنجي اولاد جي حفاظت ڪندا آهن پر ان دور جو انسان ايترو ته سخت دل هو جو پنهنجين ئي ڌيئرن کي ماٺهو زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا ◈ بدڪاري عام هئي ◈ شراب، جُوا، چوري چڪاري، قُرلُٿ جي ڪثرت هئي ◈ ننڍين ننڍين ڳالهين تي جيڪڏهن جنگ ڇڙي پوندي هئي ته پوءِ سالن تائين جاري رهندي هئي◈ هڪ معمولي ڳالهه تي سوين بلڪ هزارين ماڻهن کي قتل ڪيو ويندو هو◈ ڪجهه معاشرن ۾ هيءَ رسم به هئي ته جڏهن بادشاهه مري ويندو هو ته ان جي لاش کي وڏي غار ۾ رکندا هئا، ان سان گڏ لذيذ کاڌا رکندا هئا ۽ ڪيترن ئي زنده غلامن ۽ ڪنيزن کي به غار ۾ ڇڏي غار جو دروازو بند ڪري ڇڏيندا هئا.

توهان اندازو لڳايو ته انهن زنده غلامن جو جڏهن ساهه گهٽبو هوندو،

[1] تفسير درمنثور، پاره:4، سورۂ آل عمران، زيرِ آيت:164، جلد:2، صفحه:367 ماخوذاً

بک ۾ اُڃَ جي سبب تڙپندا هوندا تہ انهن تي ڇا گذرندو هوندو پر افسوس! دنيا ظلم ۽ ستم جي اونداهين ۾ ڦاسي چڪي هئي، احساسَ مري چڪا هئا.

پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو شان ڏسو! جو پاڻ اهڙي قوم کي پنهنجون پُرنور ادائون ڏيکاري، پنهنجي پياري پياري اخلاق سان شيدائي بڻائي انهن کي عالِم بہ بڻائي ڇڏيو ◈ انهن جو باطن سڌاري سندن دليون بہ روشن ڪري ڇڏيون ◈ انهن کي ڪتاب بہ سيکاريو ◈ حڪمت بہ سيکاري ◈ ۽ اُن چئني طرفن کان پَستين ۾ ڦاٿل قوم کي قيامت تائين اچڻ وارن جو امام ۽ پيشوا بڻائي ڇڏيو.

ڊاڪٽر اقبال چيو:

وہ دانائے سُبُل، ختمِ رُسُل، مولائے کُل جس نے
غُبارِ راہ کو بخشا فروغِ وادیٔ سینا(1)

**وضاحت:** داناءِ سُبل: يعني هادي، رستن کي سڃاڻڻ وارو، خَتمِ رُسُل: يعني سڀني کان آخري نبي، مولاءِ کُل: يعني سڀني جو آقا، سڀني جو مولا، جن رستي جي دَڙَ کي رشڪِ طُور (يعني جنهن تي طُور جبل بہ فخر ڪري اهڙو) بڻائي ڇڏيو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مِيلاد ملهايو! خوب ملهايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! اسان جا آقا و مولىٰ، مڪي مدني مصطفيٰ

---

1…ڪليات اقبال، باب جبريل، صفحہ:363۔

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم دنيا جڳمڳائڻ جي لاءِ تشريف کڻي آيا، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ورهايل نورِ ايمان ۽ نورِ قرآن اسان گنهگارن کي نصيب ٿيو، تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جون خوب خوشيون ملهايون، آمدِ مصطفيٰ جا چرچا ڪريون ◈ گهر سينگاريون ◈ محلا سينگاريون ◈ گهٽيون سينگاريون ◈ دفتر (*Offices*) سينگاريون ◈ گاڏين تي ◈ بسن ۽ موٽرسائيڪلن تي بلڪ سائيڪلن تي بہ سائو جهنڊو لهرايون ◈ گهر گهر ۾ محفلون ڪرايون ◈ پنهنجي آقا و موليٰ، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ياد ۾ غريبن کي کاڌو کارايون ◈ درود پاڪ جون محفلون سجايون ◈ سيرتِ مصطفيٰ پڙهون ۽ ان کي پنهنجي زندگي ۾ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون.

## حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه شعرن جي صورت ۾ ميلاد پڙهيو

ياد رکو! ميلادِ مصطفيٰ ملهائڻ، ميلاد جي نالي تي خوشي ملهائڻ، اُن موقعي تي پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي ذڪر جون محفلون سجائڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي، اَلحمدُ لله! مسلمان شروع کان ئي پنهنجي زماني جي تقاضائن مطابق هي نيڪ ڪم ڪندا آيا آهن. صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عنهم بہ ذڪرِ ميلاد جون محفلون سجايون آهن. حصولِ برڪت جي لاءِ صرف هڪ واقعو ٻڌون ٿا. روايتن ۾ آهي تہ: رسولِ انور، شاهِ بحر و بر صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جڏهن غزوهءِ تبوڪ کان واپس تشريف کڻي آيا تہ ان وقت حضرت عباس بن عبد المطلب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهما ذڪرِ ميلاد تي پنهنجا لکيل ڪجهہ شعر پڙهڻ جي اجازت گهري، سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کين اجازت عطا فرمائي تہ پاڻ پنهنجي قصيدهءِ ميلاد جا شعر پڙهيائون، انهن مان ڪجهہ شعر

هي آهن:

| | |
|---|---|
| قَبْلَهَا طِبْتَ فِي الظِّلَالِ وَفِي | مُسْتَوْدَعٍ حَيْثُ يَخْصِفُ الْوَرَقُ |

توهان ولادت کان اڳ پردن ۾ هئا، يعني جنت جي اندر، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پُٺيءَ ۾

| | |
|---|---|
| ثُمَّ هَبَطْتَ الْبِلَادَ لَا بَشَرٌ | اَنْتَ وَلَا مُضْغَةٌ وَلَا عَلَقٌ |

پوءِ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ئي پُٺيءَ ۾ زمين تي لٿا، تڏهن توهان نه انساني صورت ۾ هئا، نه مُضْغَه نه عَلَقَه (هي حمل جي شروعاتي ڏينهَن ۾ بارَ جي **2** حالتن جا نالا آهن)

| | |
|---|---|
| بَلْ نُطْفَةٌ تَرْكَبُ السَّفِيْنَ وَقَدْ | اَلْجَمَ نَسْرًا وَأَهْلَهُ الْغَرَقُ |

توهان نُوح عَلَيْهِ السَّلَام جي پُٺيءَ ۾ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيا، جڏهن طوفان ڪافرن جي ڪُوڙي خدا ۽ ان جي پُوڄارين کي ٻوڙي ڇڏيو

| | |
|---|---|
| تُنْقَلُ مِنْ صَالِبٍ إِلَى رَحِمٍ | إِذَا مَضَى عَالَمٌ بَدَا طَبَقُ |

توهان پاڪ پُٺِيُن مان رَحمَن ۾ منتقل ٿيندا رهيا، هڪ طبقي کان پوءِ ٻيو طبقو ظاهر ٿيو

| | |
|---|---|
| وَأَنْتَ لَمَّا وُلِدْتَ أَشْرَقَتِ | الْأَرْضُ وَضَاءَتْ بِنُورِكَ الْأُفُقُ |

توهان جي ولادت جي وقت زمين روشن ٿي وئي، آسمان اوهان جي نُورَ سان چمڪي پيو

فَنَحْنُ فِي الضِّيَاءِ وَفِي النُّورِ | وَسُبِلِ الرَّشَادِ نَخْتَرِقُ ( 1 )

اسان ان ئي نُورَ جي روشنيءَ ۾ هدايت جي رستن تي هلي رهيا آهيون.

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! پيارا آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم به تشريف فرما آهن، صحابہ ڪرام عليهمُ الرضوان به موجود آهن، هِن نوراني محفل ۾ حضرت عباس رَضِيَ اللّٰهُ عنهما نور واري آقا، محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو ميلاد پڙهيو. ان ڪري ئي تہ محفلِ ميلاد ڇئبو آهي. معلوم ٿيو ميلاد ملهائڻ ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي پر شروع کان ئي مسلمانن جو طريقو رهيو آهي.

## ميلاد جي محفلن جون برڪتون

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحمۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جنهن گهر، مسجد يا محلي ۾ ميلاد شريف پڙهيو ويندو آهي ◈ فرشتا ان گهر، مسجد ۽ محلي کي گهيري ڇڏيندا آهن ◈ ۽ فرشتن جا سردار يعني حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل، حضرت اسرافيل ۽ حضرت عزرائيل عَلَيْهِمُ السَّلَام ميلاد شريف پڙهڻ وارن جي لاءِ رحمت ۽ رضوان جي دعا ڪندا آهن ◈ جنهن گهر ۾ ميلاد شريف پڙهيو وڃي ◈ الله پاڪ ان گهر کي ذُڪار ◈ وبائي بيمارين ◈ باهہ لڳڻ ◈ ٻڏڻ ۽ اهڙين ڪيترن ئي آفتن کان محفوظ رکندو آهي ◈ ان گهر جي رهڻ وارن کي بغض و حسد کان ◈ بُري نظر کان ◈ ۽ چوري وغيره جي خطري کان بچايو ويندو آهي ◈ ۽ ان گهر جي اهلِ خانہ جو ڪو فرد انتقال ڪري وڃي تہ ان تي نَکِيرَين (يعني قبر ۾ سوال پڇڻ وارن ملائڪن) جي سوالن جا جواب آسان ڪيا ويندا آهن. (2) ◈ حضرت خواجہ جنيد بغدادي رَحمۃُ

---

1⋯ معجم ڪبير، جلد:3، صفحہ:96،حديث:4057ملتقطًا۔

2⋯نعمۃ الکبریٰ لابن حجر،صفحہ:10 ملخصاً ۔

اللّٰہِعَلَیْہ فرمائن ٿا: محفلِ ميلاد شريف ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ هِن محفل جي عزت ۽ تڪريم ڪرڻ سان ايمان مضبوط ٿيندو آهي.(1) ◈ حضرت سَرِي سقطي رَحمۃُ اللّٰہِعَلَیْہ فرمايو: جيڪو محفلِ ميلاد ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، اهو اصل ۾ جنت جي باغن ۾ وڃڻ جو ارادو ڪندو آهي، ڇوته محفلِ ميلاد صرف ۽ صرف محبتِ رسول جي سبب ئي سڄائي ويندي آهي ۽ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: مَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جيڪو مون سان محبت ڪندو آهي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (2)

| | | | |
|---|---|---|---|
| آئے تاجدارِ رسالت | مرحبا! صد مرحبا! | آئے جہاں میں جانِ رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| صاحبِ عظمت وشان وشوکت | مرحبا! صد مرحبا! | سب سے بڑی اللہ کی نعمت | مرحبا! صد مرحبا! |
| آمنہ چمکی تیری قسمت | مرحبا! صد مرحبا! | گود میں آئی ربّ کی رحمت | مرحبا! صد مرحبا! |

## شيطان ميلاد نہ ملهائيندو آهي

علامہ سهيلي رَحمۃُ اللّٰہِعَلَیْہ لکن ٿا: شيطان 4 دفعا دانهون ڪري رُنو: (1): جڏهن مَلعُون ٿيو(يعني بارگاهِ الٰهي مان ڌِڪاريو ويو) (2): جڏهن زمين تي لاٿو ويو (3): سُوْرَۃِفَاتِحَة نازل ٿيڻ جي وقت ۽ (4): رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جي وقت. (3) حضرت عِڪرمہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کان روايت آهي: رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ولادت تي تہ شيطان چيو: رات هڪ ٻار پيدا ٿيو آهي جيڪو اسان جو ڪم بگاڙي ڇڏيندو. سندس چيلن ۽ چمچن کيس صلاح ڏني تہ توهان هاڻي ئي وڃو ۽ ان کي نقصان پهچائي ان جي ڪم ۾ رڪاوٹ وجهي ڇڏيو!

1…نعمة الكبرىٰ لابن حجر،صفحه:8۔
2…نعمة الكبرىٰ لابن حجر،صفحه:10۔
3…الروض الانف، فصل في المولد، جلد:1، صفحه:308۔

أن تي شيطان رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ويجهو وڃڻ چاهيو تہ اللہ پاڪ حضرت جبرائيلِ اَمين عَلَيْهِ السَّلَام کي موڪليو، انهن هِن کي اهڙي تہ زوردار ٺوڪر هنئي جو هِي (ملڪِ يمن جي شهر) عَدَن ۾ وڃي ڪريو. (1)

ہر مَلک ہے شادماں، خوش آج ہر اک حور ہے
ہاں! مگر شیطان مع رفقا بڑا رنجور ہے (2)

## گهر گهر محفلِ ميلاد سڄايو!

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لله! اسان مسلمان آهيون، عاشقِ رسول آهيون، اسان کي پنهنجي آقا و موليٰ، رسولِ خدا، احمدِ مجتبيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي دنيا ۾ اچڻ جي خوشي آهي. تنهنڪري خوب جوش و خروش سان هن خوشي جو اظهار ڪريو! هر گهر سڄايو! گهِٽيون بہ سڄايو! خوب ڌومون مچايو! اَلحمدُ لله! عموماً عاشقانِ رسول جي تقريباً هر مسجد ۾ محفلِ ميلاد سڄندي آهي، ان سان گڏ هي بہ ڪوشش ڪريو تہ ڪو امير هجي يا غريب هر عاشقِ رسول پنهنجي گهر ۾ بہ محفلِ ميلاد جو اهتمام ڪري. جن کي الله پاڪ طاقت ڏني آهي، اهي چاهن تہ وڏي پيماني تي محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪن ۽ جيڪي غريب آهن، اهي بہ پنهنجي وَسَ آهر (*Capacity*) گهر ۾ محفلِ پاڪ جو اهتمام ڪن، ڀلي مختصر پروگرام ڪن پر محفلِ ميلاد لازمي سڄائن. ان ۾ ڪا بہ مشڪل نہ آهي، پنهنجي گهر ۾ جتي سهولت هجي پردي جي اهتمام سان جاءِ مخصوص ڪريو! پنهجي پاڙي ۽ گهٽيءَ جي وڏيڪ نہ تہ 10،8 اسلامي ڀائرن

---

1…سبل الهدى، جماع ابواب مولده…الخ، الباب العاشر، جلد:1، صفحہ:350۔

2…وسائلِ بخشش، صفحہ:483۔

کي دعوت ڏيو! محلي جي مسجد جي عاشقِ رسول امام صاحب جي خدمت ۾ بيان ڪرڻ لاءِ عرض ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هُو ذڪرِ محبوب جي لاءِ منع نہ ڪندا، مختصر تلاوت تئي، 2،1 نعتون پڙهو! امام صاحب 15،20 منٽن جو بيان ڪن، جيڪڏهن امام صاحب يا ڪنهن عاشقِ رسول مبلغ جي ترڪيب نہ بہ ٿي سگهي تڏهن بہ ڪا مشڪل نہ آهي، شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دامَت بَرَكَاتُهُمُ العالِيه جو رسالو آهي: **صبح بهاران**، اهڙي طرح مڪتبةُ المدينہ جا ٻيا بہ ڪيترائي رسالا آهن؛ مثال طور: سياهہ فام غلام، خوفناڪ اُٺ، پوڙهو پوڄاري، نُورَ وارو چهرو، نور جو رانديڪو، عاشقِ ميلاد بادشاهہ انهن مان ڪو بہ رسالو يا شانِ مصطفيٰ تي **12** بيانئن وارو مختصر ڪتاب حاصل ڪريو يا جيڪڏهن چاهيو تہ دعوتِ اسلامي جي ويب سائٹ www.dawateislami.net تان مفت ڊائونلوڊ (*Download*) ڪري پاڻ ئي پڙهي ٻڌايو! بيان ٿي ويندو، آخر ۾ پنهنجي وَسَ آهر مٺائي وغيره ورهائي (*Distribute*) ڇڏيو! جيڪڏهن مٺائي ميسر نہ هجي تہ بہ ڪا ڳالهہ ناهي، جيڪو بہ ميسر هجي، اهو ئي ورهايو، ميلاد ملهائڻ لاءِ لنگر يا مٺائي وغيره ورهائڻ ضروري بہ نہ آهن، اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ پئسو ۽ اهتمام نہ بلڪ دل جو اخلاص قبول ٿيندو آهي. تنهنڪري اللّٰه پاڪ جيڪا بہ توفيق بخشي آهي، شرڪاءِ محفل جي خدمت ۾ پيش ڪريو! ميلاد جي محفل ٿي ويندي، ان جي صدقي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سڄو سال گهر ۾ برڪت رهندي.

وہ لوگ خُدا شاہِد قسمت کے سکندر ہیں | جو سرورِ عالَم کا میلاد مناتے ہیں

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾

پيارا اسلامي ڀائرو! دل ۾ الله ۽ رسول جي محبت وڌائڻ ۽ دين ۽ دنيا جون ڀلايون حاصل ڪرڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! **12** ديني ڪمن ۾ به خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْكَرِيْم! تمام گهڻيون برڪتون نصيب ٿينديون. **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: **هڪ ڏينهن راهِ خدا** ۾ به آهي.

دورِ حاضر جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسان کي هي مقصد ڏنو آهي ته مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَ اللہُ الْكَرِيْم! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول هن مقصد جي تڪميل جي لاءِ ڳوٺن، شهر جي ڀرپاسي ۽ شهر جي اهڙن علائقن ۾، جتي ديني ڪم ڪمزور آهي، وڃي نيڪي جي دعوت عام ڪندا آهن ◈ ڪنهن به ڏينهن خصوصاً جمعي يا آچر واري ڏينهن اسلامي ڀائر انهن علائقن ۾ ويندا آهن ◈ اتي مسجد ۾ نفلي اعتڪاف ٿيندو آهي ◈ نيڪي جي دعوت عام ڪئي ويندي آهي ◈ توهان به ان ۾ شرڪت ڪريو! اِنْ شَآءَ اللہُ الْكَرِيْم! ◈ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ◈ نيڪي جي دعوت ڏيڻ جو ثواب نصيب ٿيندو ◈ راهِ خدا ۾ نڪرڻ جي سعادت ملندي ◈ حديث پاڪ جو خلاصو آهي: جيڪي قدم راهِ خدا ۾ مِٽيءَ هاڻا ٿيندا آهن، انهن کي جهنم جي باهه

نہ ڇُهندي.[1] ◈ جيڪو شخص اللّٰه پاڪ جي رضا خاطر پنهنجن مسلمان ڀائرن وٽِ شهر جي ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڃي، حديث پاڪ ۾ ان جي لاءِ جنت جي بشارت آئي آهي.[2] ترغيب جي لاءِ توهان کي هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو:

## اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ٿي رهجي وياسين

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ عام نوجوانن وانگر غفلت واري زندگي گذاري رهيو هئس، منهنجي قسمت جو ستارو هن طرح چمڪيو جو هڪ ڏينهن اسان جي علائقي ۾ ڪجهہ اسلامي ڀائر هڪ ڏينهن راهِ خدا ۾ گذارڻ جي لاءِ آيا، انهن مان هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي هن ديني ڪم ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني، تنهنڪري مان بہ پنهنجن ڪجهہ دوستن سان گڏ شامل ٿي ويس، واپس وڃڻ وقت هڪ اسلامي ڀاءُ هفتيوار اجتماع جي دعوت ڏني تہ اسان عرض ڪيو: جيڪڏهن ياد رهيو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ضرور شرڪت ڪنداسين. بهرحال اسان اجتماع ۾ شرڪت ڪري ورتي، اتي ان ئي اسلامي ڀاءَ سان ملاقات ٿي جن اسان کي اجتماع جي دعوت ڏني هئي، اُهي ايتري تہ اخلاق سان پيش آيا جو اسان تہ بس دعوتِ اسلامي جا ئي ٿي رهجي وياسين. منهنجو تہ جڻ ندگي گذارڻ جو انداز ئي بدلجي ويو، نمازن جي پابندي نصيب ٿي وئي، ڳانن جي بجاءِ نعت شريف لبن تي اچي وئي، چهري تي ڏاڙهي ۽ مٿي تي عمامو شريف سجائي ورتو، اهڙي طرح دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول
ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
تُو داڑھی بڑھالے عِمامہ سجالے
نہیں ہے یہ ہر گز بُرا دینی ماحول

---

1… مسند امام احمد،جلد:6، صفحہ:507، حديث:16356۔
2… معجم اوسط،جلد:1، صفحہ:472، حديث:1743۔

## اوقاتِ نماز (Prayer Times) ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي جديد طريقن جي ذريعي بہ قرآن ۽ سنت جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، هن ڳالھ کي نظر ۾ رکندي دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ تمام پياري موبائل ايپلي ڪيشن **اوقاتِ نماز** (*Prayer Times*) جي نالي سان جاري ڪئي آهي ◈ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي پوري دنيا جي ڪنهن بہ مقام جي نمازن جا وقت ۽ قِبلي جو رُخ معلوم ڪري سگھجي ٿو ◈ جماعت جي وقت موبائل کي پاڻمرادو خاموش (*Auto Silent*) ڪرڻ جو آپشن بہ موجود آهي ◈ ان کان علاوه قرآن پاڪ عربي متن ۽ ترجمي ۽ تفسير سان پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي سهولت بہ موجود آهي ◈ اذڪار (روحاني علاج) بہ ڏنا ويا آهن ◈ ڪائونٽر تسبيح جي ذريعي توهان پنهنجا روزاني جا اوراد پڙهي سگھو ٿا ◈ هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي توهان ريڊيو مدني چينل (*Radio Madani Channel*) ٻڌي سگھو ٿا ◈ اذڪارِ نماز کي بہ تجويد سان شامل ڪيو ويو آهي ◈ عيسوي ۽ اسلامي ڪيلينڊر (*Calendar*) جي سهولت بہ موجود آهي ◈ ان کان علاوه توهان هن ايپلي ڪيشن جي ڊيش بورڊ (*dashboard*) کي **2** ڪلر ٿيم (*Two Color Theme*) ۾ بہ استعمال ڪري سگھو ٿا. پنهنجي موبائل ۾ هيءَ ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ڇڏيو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

◈ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار

مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ماهِ ربيع الاول جي چند رات کان وٺي **12 هين** جي رات تائين روزانو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! امير اهلسنت، دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي مان براهِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا. جن عاشقانِ رسول کان تي سگهي اُهي فيضانِ مدينہ ڪراچي تشريف ڪٽي اچي انهن مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪن ۽ جيڪڏهن چاهن تہ پنهنجن پنهنجن علائقن ۾ انهن مدني مذاڪرن ڏسڻ جو اهتمام فرمائن. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هنن مدني مذاڪرن ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ◈ شيخ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ العاليه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي "**سنوڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جا فائدا**" جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٻين سان بہ شيئر(*Share*) ڪريو ◈ مڪتبة المدينہ پاران ماهِ ربيع الاول شريف ۾ حضور جانِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ باسعادت جون خوشيون ملهائڻ ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ دنياوي توڙي اُخروي فائدن تي ٻڌل هڪ شاهڪار رسالو "صبح بهاران" ۽ "ربيع الاول جون خوبيون" شايع ڪيو ويو آهي.

رسالو "صبح بهاران" صرف 28 رپين ۾ ۽ رسالو "ربيع الاول جون خوبيون" ٻاويهہ (22) رپين ۾ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ برانچ تان حاصل ڪري سگهو ٿا.

ماهِ ربيع الاول شريف ۾ يوسي (UC) جي سطح تي 12 ڏينهن فيضانِ ميلاد

اجتماع منعقد ڪيا ويندا. پنهنجي لاڳاپيل يوسي نگران اسلامي ڀائرن کان مقام (جڳهه) ۽ وقت بابت معلومات حاصل ڪريو، پاڻ به انهن اجتماعن ۾ ضرور شريڪ ٿيو ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏيو.

## 14 آگسٽ تي ڪرڻ جا ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِي الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ؕ

ترجموڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اسان توهان کي زمين ۾ ٺڪاڻو ڏنو ۽ توهان جي لاءِ اُن ۾ زندگي گذارڻ جا اسباب بڻايا.

اَلْحَمْدُ لله! الله پاڪ اسان کي اسلامي احڪامن تي آزاديءَ سان عمل ڪرڻ لاءِ هي پاڪ ۽ آزاد ملڪ عطا فرمايو، زندگيءَ جون ضرورتون بخشيون ۽ بيشمار نعمتن سان نوازيو، پر افسوس! اسان ان طرح شڪر ادا نٿا ڪري سگهون، جيڪو شڪر ڪرڻ جو حق آهي. ۽ اسان انهن شهيدن کي وساري ويهون ٿا جن هن ملڪ جي آزاديءَ خاطر پنهنجي جانين جا نذرانا پيش ڪيا، هڪ اندازي موجب جڏهن پاڪستان وجود ۾ آيو ته ان وقت 30 لک مسلمان شهيد ٿيا هئا.[1]

سڀاڻي 14 آگسٽ آزاديءَ جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن انهن شهيدن جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي، تنهنڪري ◈ فاتحہ خواني ڪري پنهنجي شهيدن ۽ فوت ٿيلن لاءِ ايصالِ ثواب جو اهتمام ڪريو ◈ جيڪڏهن ٿي سگهي ته آزاديءَ جي شڪراني طور نفل پڙهڻ جو اهتمام ڪريو ◈ فضول ڪمن ۾ رقم خرچ ڪرڻ بدران ملڪِ پاڪستان کي سرسبز بنائڻ لاءِ بوٽا لڳائڻ جو اهتمام ڪريو.

---

[1] تخليقِ پاکستان میں علماء اہلسُنّت کا کردار، صفحہ:150 بتصرف۔

اچو تہ اڄ اسان اهو عزم ڪريون تہ هن جشنِ آزاديءَ تي ◈ جشنِ آزاديءَ جي ناليِ تي گانا هلائڻ ◈ ميوزڪ وڄائڻ ◈ ناچ ڪڏڻ ◈ رڙيون ۽ دانهون ڪرڻ ◈ پٽاڪا ڦاڙڻ ◈ باجا وڄائڻ ◈ گهٽين ۽ رستن تي هنگامو ڪرڻ ◈ رستن تي ون ويلنگ (One Wheeling) ڪري موت جي راند کيڏڻ بدران، پاڪستان ملڪ کي هر قسم جي نقصان کان بچائڻ ۽ ان جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون.

الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. ربّ ڪريم اسان جي عزيز ملڪ کي شاد ۽ آباد رکي. اچو! دعا گهرون ٿا

| | |
|---|---|
| یاخُدا پاک وطن کی تُو حفاظت فرما | فضل کر اس پہ سدا سایۂ رحمت فرما |
| اس کو تُو قلعۂ اسلام بنا دے یارَبّ | مرے پیارے وَطنِ پاک پہ رحمت فرما |
| بچّہ بچّہ ہو نمازی مرے پاکستاں کا | اور عطا جذبۂ پابندیٔ سُنت فرما |

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! ماه ر ربيع الاول شريف جي آمد آهي، اچو تہ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دامت برکاتہم العالیہ جي طرفان جشنِ ولادت متعلق اچڻ وارو مڪتوب ٻڌون ٿا:

## جشنِ ولادت جي باري ۾ مڪتوبِ عطار

سگِ مدينہ محمد الياس عطار قادري عُفِیَ عَنْہُ جي طرفان سيني عاشقانِ رسول، اسلامي ڀائرن جي خدمت ۾:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه اَلحمدُ لِلّٰہ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ عَلٰی کُلِّ حَالٍ۔

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْن! جهومي وڃو! ماهِ ربيع الاول اچڻ وارو آهي، سنئين سنئين نيتن سان جشنِ ولادت جون ڌومون مچائڻ لاءِ تيار ٿي وڃو!

تم بھی کرکے اُن کا چرچا اپنے دِل چمکاؤ | اونچے میں اونچا نبی کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**(1):** چند رات هنن لفظن ۾ **3 ڀيرا** مسجدن ۾ اعلان ڪرايو: سيني اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن کي مبارڪ هجي ته ربيع الاول شريف جو چنڊ نظر اچي ويو آهي.

ربیعُ الاوّل اُمیدوں کی دنیا ساتھ لے آیا | دعاؤں کی قَبولیت کو ہاتھوں ہاتھ لے آیا

**(2):** مهرباني ڪري! ربيع الاول شريف جي برڪت سان اڄ کان ئي اسلامي ڀائر هميشه جي لاءِ هڪ مُٺِ ڏاڙهي رکڻ جي نيت ڪن. (مرد جو ڏاڙهي ڪُوڙائڻ يا هڪ مُٺِ کان گهٽائڻ حرام آهي ۽ فوراً توبهه ڪري هن گناهه کي هميشه لاءِ ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي).

جُھک گیا کعبہ سبھی بُت، منہ کے بل اَوندھے گرے | دَبدبہ آمد کا تھا، اَھلًا وَّ سَھلًا مرحبا

**(3):** سنتن ۽ نيڪين تي استقامت حاصل ڪرڻ (يعني هميشه عمل ڪندو رهي هن) جو بهترين فارمولو هي آهي ته سيئي اسلامي ڀائر اڄ ڪهڙو ڪهڙو عمل ٿيو؟ هن جي باري ۾ روزانو پنهنجن عملن جو جائزو وٺندي نيڪ اعمال جو رسالو ڀري هر انگريزي مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرائن. تقويٰ جو انمول خزانو هٿ ايندو ۽ عشقِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئڻ جي لاءِ ملندا.

بدلیاں رَحمت کی چھائیں، بُوندیاں رَحمت کی آئیں

اب مُرادیں دل کی پائیں، آمدِ شاہِ عرب ہے

**(4):** دعوتِ اسلامي جي ذميدارن سميت سمورا اسلامي ڀائر نيت ڪريو ته هفتيوار مدني مذاڪري ۾ شرڪت (سوال جواب شروع ٿيڻ کان وني گهٽ ۾ گهٽ **1 ڪلاڪ 12 منٽ** تائين) ۽ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع کان پوءِ رات نيڪين ۾ گذاريندا سين، هيءَ به نيت ڪريو ته هر مهيني ۾ **3** ڏينهَن جي، هر **12** مهينن ۾ **1** مهيني جي ۽ زندگي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو **12** مهينن جي قافلي ۾ سفر فرمائيندا سين. تمام عاشقانِ رسول نگرانن ۽ ذميدارن سميت ربيع الاول شريف ۾ بارگاهِ رسالت ۾ ايصالِ ثواب جي نيت سان گهٽ ۾ گهٽ **3** ڏينهن قافلي ۾ سفر ڪن ۽ روزانو گهر درس به ڏين يا ٻڌن.

میں مبلّغ بنوں سُنّتوں کا، خوب چرچا کروں سُنّتوں کا

یاخدا! درس دوں سُنّتوں کا، ہو کرم! بہرِ خاکِ مدینہ

**(5):** پنهنجي مسجد، گهر، دڪان، ڪارخاني وغيره تي **12** نه ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ مدني جهنڊو ربيع الاول شريف جي چنڊ رات کان وني **12** ربيع الاول تائين لهرايو. بسن، ويگنن، ٽرڪن، ٽرالن، ٽيڪسين، رڪشن، ريڙهن، گهوڙا گاڏين وغيره تي مدني پرچم ٻڌي ڇڏيو. پنهنجي سائيڪل، اسڪوٽر ۽ ڪار تي به لڳايو. هر طرف مدني جهنڊن جون بهارون مسڪرائينديون نظر اينديون. عموماً ٽرڪن جي پويان جاندارن جون وڏيون وڏيون تصويرون ۽ فضول شعر لکيل هوندا آهن. ٿي سگهي ته پنهنجين گاڏين تي لکرايو: مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي.

**دعاءِ عطار:** يا ربِ مصطفيٰ! جيڪو به پنهنجي اسڪوٽر تي (صرف اڳين طرف ۽ ڪارين، ٽيڪسين، بسن، ٽرڪن، ٽرالن، پاڻي جي ٽينڪرن، ويگنن، رڪشن، سوزوڪين وغيره تي اڳيان يا پويان يا ٻنهي طرف مون کي دعوتِ اسلامي سان پيار آهي لکي يا لکرائي يا ان جو اسٽيڪر لڳائي يا لڳرائي. ان جي گاڏي جي

حادثي (*Accident*) کان حفاظت فرماءِ ۽ ان کي بي حساب بخشي ڇڏ، جيڪو ڪنهن گاڏي واري کي هن ڪم جي لاءِ تيار ڪري ان جي حق ۾ بہ هيءَ دعا قبول فرماءِ. اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**ضروري احتياط** (*Precautions*): جيڪڏهن جهنڊي تي نقشِ نعلِ پاڪ يا ڪا لکائي هجي تہ هن ڳالهہ جو خيال رکو تہ نہ اهو ليڙون ليڙون ٿئي ۽ نہ ئي زمين تي تشريف ڪٽي اچي. وڌيڪ هي تہ جيئن ئي ربيع الاول شريف جو مهينو تشريف کڻي وڃي فوري طور جهنڊو لاهي ڇڏيو. جيڪڏهن احتياط نہ ٿا ڪري سگهو ۽ بي ادبي ٿي رهي هجي تہ بغير نقش ۽ تحرير جي سادو مدني جهنڊو لهرايو. (سگِ مدينہ عفی عنہ بہ حتي الامڪان پنهنجي مڪانِ بي نشان بنام **بيت الفنا** تي سادو جهنڊو لڳرائيندا آهن. (صبح بہاراں، صفحہ:27)

نبی کا جھنڈا لے کر نکلو دنیا پر چھا جاؤ | نبی کا جھنڈا اَمن کا جھنڈا گھر گھر میں لہراؤ

**(6):** پنهنجي گهر تي **12** جهالرون (يعني لڙيون) يا گهٽ ۾ گهٽ **12** بلبن سان ۽ پنهنجي محلي ۾ بہ **12** ڏينهن تائين ۽ پنهنجي مسجد تي اتان جي عرف موجب چراغان (يعني لائيٽنگ *Lighting*) ڪريو. جتي مسجد جي چندي مان **12** ڏينهن تائين چراغان ڪرڻ جو عرف (يعني معمول) نہ هجي تہ هِن ڪم لاءِ الڳ چندو ڪري **12** ڏينهن تائين چراغان ڪري سگهجي ٿو. سموري علائقي کي مدني جهنڊن ۽ رنگ برنگي بلبن سان ڪنورا جيان سينگاري ڇڏيو. ممڪن هجي تہ مسجد، گهر جي ڇت ۽ چوڪ وغيره تي گذرڻ وارن ۽ سوارين کي تڪليف کان بچائيندي حقوقِ عامہ (*Public Rights*) ضايع ڪرڻ کان بغير فضا ۾ معلق (يعني

لڙڪڻ وارا) **12** ميٽر جا يا موقعي جي مناسبت سان وڏا وڏا جهنڊا لهرايو. وچ روڊ تي جهنڊو نہ لڳايو ڇو تہ ٽريفڪ جو نظام متاثر ٿيندو آهي، جهنڊو لڳائڻ لاءِ فٽ پاٿ (*Foot path*) بہ نہ کوٽيو، خبردار! گهٽِين وغيره ۾ ڪتي بہ اهڙي سجاوت نہ ڪريو جنهن سان ماڻهن جو رستو تنگ ٿئي ۽ انهن جي حق تلفي ۽ دل آزاري ٿئي. (ياد رهي تہ انهن سجاوتن لاءِ بہ بجلي چوري ڪرڻ حرام آهي، تنهنڪري هن سلسلي ۾ بجلي فراهم ڪرڻ واري اداري سان رابطو ڪري جائز ترڪيب ڪريو)

مشرق و مغرب میں اِک اِک بامِ کعبہ پر بھی ایک | نصب پرچم ہوگیا، اَھلًا وَّسَھلًا مرحبا

**(7):** هر اسلامي ڀاءُ حسبِ توفيق مڪتبةُ المدينہ جا ديني رسالا ۽ مدني گلن جا مختلف پمفليٽ (*Pamphlet*) جلوسِ ميلاد ۾ ورهائي. اهڙي طرح سڄو سال پنهنجي دڪان وغيره تي **تقسيمِ رسائل** جو اهتمام فرمائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو. شاديءَ جي دعوتن ۽ ايصالِ ثواب جي اجتماعن ۾ ۽ مرحومين جي ايصالِ ثواب لاءِ بہ رسالا تقسيم ڪرڻ جي ترڪيب ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو. سيئي اسلامي ڀائر هفتيوار رسالو پڙهڻ يا ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪريو ۽ هر سال ايندڙ **12** مهينن لاءِ **ماهوار فيضانِ مدينہ** جي بکنگ ڪرايو.

چار سُو رحمتوں کی ہوائیں چلیں، ہو گئی جس سے ساری فضا دل نشیں
مسکراؤ سبھی آ گئے ہیں نبی، غم کے مارو تمہاری خوشی کے لیے

**(8):**رسالو **صبح بهاران** **12 عدد** مڪتبةُ المدينہ تان خريد ڪري ورهايو. خصوصاً انهن تنظيمن جي سربراهن تائين پهچايو، جيڪي ربيع الاول ۾ لائيٽنگ ڪندا آهن يا محفلِ نعت يا جلوسِ ميلاد جي ترڪيب فرمائيندا آهن. ربيع الاول شريف

دوران (اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون گهر جي ڪنهن فرد جي ذريعي) ڪنهن سني عالم يا امامِ مسجد، مؤذن يا خادمِ مسجد جي ڪجهه نہ ڪجهه مالي خدمت ڪريو ۽ نصيب ٿي تہ! هر مهيني اِها سعادت حاصل فرمايو. شادين جي موقعن تي شادي ڪارڊ سان گڏ مڪتبةُ المدينہ جو ديني رسالو بہ شامل (*Attach*) ڪريو. عيد ڪارڊ جي بدران ديني ڪتاب ۽ رسالا ڏيڻ جو رواج عام ڪريو تہ جيئن جيڪا رقم خرچ ٿئي، ان سان ديني فائدو بہ حاصل ٿئي. شادي يا غميءَ جي موقعي تي پنهنجي علائقي جي مڪتبةُ المدينہ سان ترڪيب ڪري اسٽال (*Stall*) لڳرايو ۽ مهمانن ۾ حسبِ توفيق اسلامي ڪتاب ۽ رسالا مفت تقسيم ڪريو.

ولادتِ شہِ دیں ہر خوشی کی باعث ہے | ہزار عید سے بھاری ہے بارہویں تاریخ

**(9):** شهرن، ڳوٺن، واهڻن ۽ وسندين وغيره ۾ هر يو سي *U.C* نگران **12** ڏينهن تائين روزانو الڳ الڳ مسجدن ۾ عظيم الشان سنتن ڀريا اجتماع منعقد ڪري. مختلف شخصيتن جي گهرن، عاشقانِ رسول جي دڪانن، مارڪيٽن، ڪارخانن ۽ تعليمي ادارن وغيره ۾ بہ اهڙا اجتماع منعقد ڪريو.

لب پر نعتِ رسولِ اکرم ہاتھوں میں پرچم | دیوانہ سرکار کا کتنا پیارا لگتا ہے

**(10):11** ربيع الاول جي شام جو نہ تہ **12هين** جي رات جو سنيون سنيون نيتون ڪري غسل ڪريو. ٿي سگهي تہ هن عِيدن جي عيد جي تعظيم جي نيت سان ڪپڙا، عمامو، سر بند، ٽوپي، مٿي تي پائڻ چاهيو تہ اڇي چادر، پردي ۾ پردو ڪرڻ جي لاءِ چادر، مسواڪ (ڏنڊڻ)، ڪيسي جو رومال، چپل، تسبيح، عطر جي شيشي، واچ، قلم، قفلِ مدينہ پيڊ وغيره ۽ پنهنجي استعمال جي هر شيءِ نئين ونو. (مجلسِ

ميلاد شريف ۾ بين مجالسِ خير جي لاءِ غسل ڪرڻ مستحب آهي. [(1)]

آئی نئی حکومت سکہ نیا چلے گا | عالَم نے رنگ بدلا صبح شبِ وِلادت

(11): 12 **هين** جي رات اجتماعِ ميلاد ۾ گذاري صبح صادق جي وقت پنهنجن هٿن ۾ مدني جهندو کڻي، درود و سلام پڙهندي لُڙڪ لاڙيندي **صبح بهاران** جو استقبال ڪريو. بعدِ نمازِ فجر سلام ڪرڻ کان پوءِ عيد مبارڪ چئي هڪ ٻئي سان گرم جوشي سان ملاقات فرمايو ۽ سڄو ڏينهن عيد جون مبارڪون ڏيندا ۽ عيد ملندا رهو.

عیدِ میلادُ النّبی تو عید کی بھی عید ہے | بالیقیں ہے عیدِعیداں عیدِ میلادُ النّبی

(12): اللهٰ پاڪ جا پيارا پيارا آخري نبي، محمد رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم سُومَر شريف جو روزو رکي پنهنجو يومِ ولادت ملهائيندا رهيا، توهان به يادِ مصطفيٰ ۾ **12 ربيع الاول شريف** تي روزو رکي مدني جهندو کڻي، جلوسِ ميلاد ۾ شريڪ ٿيو، جيسيتائين ممڪن هجي با وضو رهو، لبن تي درود و سلام ۽ نعتن جا نغما سجائي، نگاهون جهڪائي پُر وقار طريقي سان هلو، نينگ ٽپا ڏئي ڪنهن کي تنقيد جو موقعو نه ڏيو. (ذميدارانِ دعوتِ اسلامي جلوسِ ميلاد ۾ اهي ئي نعرا لڳائن يا گاڏين ۾ اهي ئي ڪلام هلائن جيڪي مدني مرڪز جي طرفان جاري ڪيل هجن)

ربیع پاک تجھ پر اہلِ سنّت کیوں نہ قرباں ہوں | کہ تیری بارہویں تاریخ وہ جانِ قمر آیا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1… نماز کے احکام، صفحہ:115، 116 ماخوذاً.

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. [1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

1... القول البديع، الباب الثانى، ص277

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

3... القول البديع، الباب الاول، ص3125

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شب قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

2... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

3... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455